رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ

# حضرت سيِّدُنا طلحه بن عُبيدُ اللّٰه جي سخاوت

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# حضرت سیِّدُنا طلحه بن عُبیدُاللّٰه جي سخاوت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سُلطانِ جهان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جيڪو مون تي جُمُعي جي ڏينهن ۽ رات ۾ سؤ (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهندو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سؤ (100) حاجتون پوريون ڪندو، ستَّر (70) آخرت جون ۽ ٽيهہ (30) دُنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ ملائڪ مُقَرَّر ڪندو، جيڪو ان دُرودِ شريف کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو، جيئن اوهان کي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بيشڪ منهنجو علم منهنجي وِصال کان پوءِ بہ اهڙو ئي هوندو جهڙو منهنجي حياتي ۾ آهي. ( جمع الجوامع،تتمۃ حرف الميم ،۱۹۹/۷،حديث:۲۲۳۵۵)

اُن پر دُرود جن کو کسِ بے کساں کہیں — اُن پر سلام جن کو خبر بے خَبَر کی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو كنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس .

## سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُاللّٰه جي سخاوت

حضرت سَيدُنا امام شَمۡسُ الدّين محمّد بِن اَحمَد ذهبِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا ته هڪ ڀيري حضرت سيدُنا طلحَہ بن عُبَيدُالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ وٽ رات جو حَضر مَوت مان ست (7) لک درهم آيا، ته ٻي چين ٿي ويا، سندن گهرواريءَ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا) عرض ڪيو: جناب عالي! اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟ فرمايائون: مان ڳڻتيءَ ۾ آهيان ته جنهن ٻانهي جون راتيون، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عبادت ڪندي گذرنديون هجن، گهر ۾ ايتري مال موجود هئڻ سبب اڄ ان (رَبّ عَزَّوَجَلَّ) جي بارگاهه ۾ ڪيئن حاضر ٿيندو؟ ته سندن گهرواريءَ عرض ڪيو: هن ۾ پريشاني جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اوهان پنهنجي (غريب) دوستن کي ڇو وساري رهيا آهيو؟ صبح ٿيندي ئي انهن کي سڏي سمورو مال انهن ۾ ورهائي ڇڏجو، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمايائون ته الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم ڪري! اوهان ته نيڪ پيءُ جي نيڪ نياڻي آهيو.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڄاڻي ونو تہ اها نيڪ ڀيءُ جي نيڪ نياڻي ڪنهن ٻي جي نہ بلڪ اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا ابُوبَڪرصِدِيق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي شهزادي ۽ اڪين جي ٺاڃَ يعني حضرت سيدَتُنا اُمِّ ڪلثوم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا هيون.

پوءِ صبح ٿيندي ئي حضرت سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ مُهاجر ۽ اَنصار صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ۾ مال ورهائڻ شروع ڪيو ۽ ان مان ڪجھ حصو اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا علي المُرتضيٰ شيرِ خُدا ڪَرَّمَ اللّٰہ تَعَالٰی وَجْہَهُ الْکَرِیْم جي بارگاھ ۾ بہ موڪليو، ورهائڻ دوران سندن گھرواريءَ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي عرض ڪيو تہ اي ابو محمد! ڇا هن مال ۾ اسان جو بہ حصو آهي، ارشاد فرمايائون: اوهان ڪٿي رهجي ويون هيون، ها جيڪو باقي بچيو آهي اهو اوهان ڪٽي ونو، فرمائن ٿيون تہ مون ان جو حساب لڳايو تہ ست لک مان صرف هڪ هزار(1000) درهم باقي رهجي ويا هئا .[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ ! ڏٺو اوهان تہ اسان جي پياري آقا، محمدِ عربي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پيارا صحابي حضرت سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ۾ سخاوت ۽ ايثار جو جذبو ڪيترو پريل هو، عام طور انساني فطرت ۾ اها ڳالھ شامل هوندي آهي جڏهن ان کي ڪٿان ڪان گھڻو مال ۽ دولت هٿ ايندو آهي تہ اهو خوش ٿي ويندو، نوان نوان منصوبا ترتيب ڏيندو، ان مال کي جائز ۽ ناجائز ڪمن ۾ خرچ ڪندو آهي، نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي دل ناهي چوندي، وڌيڪ مال حاصل ڪرڻ جي حِرص ۽ لالچ ۾ اهو هر جائز ۽ ناجائز ذريعو اپنائيندو آهي ۽ ڊگھيون اميدون ڪري يادِ الٰهي کان غافل ٿي ويندو آهي پر قربان وڃو! حضرت سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي مدني سوچ تي، جو گھڻي مال ۽ دولت جي باوجود بہ اوهان تي

[1]...سيراعلام النبلاء،طلحة بن عبيد الله ...الخ،۱۹/۳، رقم: ۷ملخصاً



www.dawateislami.net

ذرّي برابر غفلت طاري نہ ٿي، بلڪ ان بدران خوفِ خُدا ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو، هڪدم اها مدني سوچ رکڻ واري پنهنجي زوجهءِ مُحترمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي مشوري سان خُدا عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي تَوَڪُّل ڪندي، اهي دَرهم (يعني چاندي جا سِڪا) پنهنجي مُستَحق دوستن ۾ ورهائي ڪري سخاوت ۽ پائيچاري جو حيرت انگيز مِثال قائم ڪيو .

ميں سب دولت رهِ حق ميں لُٹادوں

شہا ايسا مجھے جذ بہ عطا ہو (وسائلِ بخشش ص316)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جُمادي الأُخريٰ جو مهينو هلي پيو، انهيءَ مهيني ۾ صحابي رسول حضرت سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو وِصالِ پُر ملال ٿيو، اچو! هن مُناسبت سان اڄ حضرت سيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو مختصر تعارف ۽ سندن سيرت جي هڪ پهلو ”سخاوت“ جي باري ۾ ڪجھ ٻڌون ٿا.

## سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالوءِ نسب

حضرت سَيدُنا علّامہ بدرُالدّين عَيني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ فرمائن ٿا تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو نالو طلحہ بن عُبَيدُالله بن عُثمان قُرَشي تَيمي آهي ۽ اَمِيرُ المومنين حضرت سيدُنا ابُو بڪر صدّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جيان پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي نَسَب جو سلسلو بہ ستين پُشت ۾ (ڪعب بن مُرَّہ تي) محبوب رَبِّ داوَر، شفيع روزِ مَحشر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ نَسَب سان ملي ويندو آهي.[2]

## مُبارَڪ حُليو

حضرت سَيدُنا امام محمد بن عبدُالله حاڪم نيشا پوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِ حضرت

[2]…شرح سنن ابی داؤد للعینی، کتاب الصلوة، باب ما یستر المصلی، ۳/۲۴۲، تحت الحدیث:۶۶۶



www.dawateislami.net

سَيدُنا طلحہ بن عُبَـيدُالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مُبارَڪ حُليو بيان ڪندي لکن ٿا تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سفيد رنگ جا، وچولي قد، ويڪري سيني ۽ ڪُشاده پيشانيءَ وارا هئا. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جڏهن ڪنهن ڏانهن مُتَوَجّهه ٿيندا هئا تہ پوري طرح مُتَوَجّهه ٿيندا هئا، شاندار قدمن، حسين چهري ۽ سنهڙي نڪ وارا هئا. [3]

## لَقَب

حضرت سيدُناطلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ايتري تہ سخاوت ۽ مهماني ڪندا هئا جو بارگاھ مُصطَفوِي مان انهن کي طَلْحَةُالْفَياض،طَلْحَةُالْجُوْد ۽ طَلْحَةُالْخَير جهڙن مُبارَڪ لقبن سان نوازيو ويو هو، جيئن حضرت سيدُناطلحہ بن بن عُبَـيدُالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پاڻ بيان ڪندا آهن تہ غزوهِ اُحد واري ڏينهن، مڪّي مَدَني سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي طَلْحَةُالْخَير، غزوه عُشَيرَه ۾ طَلْحَةُالْفَياض ۽ غزوه حُنَين ۾ طَلْحَةُالْجُوْد جي لقبن سان نوازيو. [4]

نمایاں ہے اِسلام کے گلستاں میں
ہر اِک گل پہ رنگِ بہارِ صحابہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لقب ڏيڻ جو سبب

حضرت سَيدُنا امام عَبْدُ الرَّءُوْف مُناوي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ محبوبِ رَبِّ داور، شفيع روزِ محشر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اوهان کي انهن لقبن سان نوازڻ جو سبب پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو تمام گهڻي سخاوت ڪرڻ آهي، مثال طور ۞ هڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ست لک ۾ زمين وڪڻي ۽ سموري رقم

---

[3]...مستدرک، کتاب معرفة الصحابة،حلية طلحة بن عبيد الله، ۴/۴۵۰،رقم: ۵۶۴۱
[4]...معجم کبير،من فضائله، حديث:۱۹۷، ۱/۱۱۲



www.dawateislami.net

غريبن ۾ ورهائي ڇڏي. ۞ هڪ پيري سندن کان ڪنهن مائٽ سوال ڪيو ته هڪدم (پاڻ وٽ موجود) ٽي سو (300) درهم يا دِينار ان کي عطا ڪري ڇڏيا ۞ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ هر سال اُمُّ المُومنين حضرت سَيدَتُنا عائشه صدّيقه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہا جي بارگاهه ۾ ڏهه هزار(10،000) درهم موڪليندا هئا.

(فيض القدير،حرف الطاء، تحت الحديث:۵۲۷۴، ۳۵۷/۴)

## بنا گُهرڻ جي عطا ڪندا هئا

حضرت سيدُنا قَبيصَه بن جَابِر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ته مون حضرت سَيدُنا طلحه بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان وڌيڪ ڪنهن کي نه ڏٺو جو بنا گُهرڻ جي ماڻهن ۾ وڌيڪ مال ورهائيندو هجي. (معجم کبير، من فضائله، ۱۱۱/۱،حديث:۱۹۴)

## ٽي لک درهم عطا ڪيا

هڪ اَعرابي حضرت سَيدُنا طلحه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي پنهنجي رشتيداريءَ جي نالي تي ڪجھ گهريو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون: مون کان رشتيداري جو واسطو ڏئي اڄ تائين ڪنهن به ڪجھ نه گهريو آهي، منهنجي هڪ زمين آهي، اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ان جا ٽي لک (300,000) درهم لڳايا آهن، جيڪڏهن چاهيو ته ان تي قبضو ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن چاهيو ته مان انکي اَمِيرُالمومنين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي وڪڻي ان جي رقم اوهان کي ڏئي ڇڏيان، ان چيو ته مون کي رقم گهرجي ٿي، ته پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ اها زمين اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عُثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي وڪڻي ڇڏي ۽ اُن شخص کي روڪ رقم ڏئي ڇڏي.

(احياء العلوم،۷۵۸/۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين ته مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي گهڻن صحابين سڳورن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمْ اَجْمَعِیْن کي مختلف موقعن تي جنّت جون خوشخبريون عطا فرمايون ۽ دنيا ۾ ئي انهن جي جنّتي هئڻ جو اِعلان



www.dawateislami.net

فرمائي ڇڏيو، پر ڏھ (10) اھڙا جَلِيلُ الْقَدْر ۽ خُوش نصيب صحابہ کرام رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھم اَجْمَعِیْن آھن، جن کي پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مسجدِ نبوي شريف عَلٰی صاحِبِھَا الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي منبر شريف تي ويھي انھن جو نالو وٺي جنّتي ھئڻ جي خُوش خبري ٻڌائي. تاريخ ۾ انھن خُوش نصيبن جو لقب ”عَشَرَہٴ مُبَشَّرَہ“ آھي. حضرت سيدُنا طلحہ بن عُبيدُالله رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جو شُمار بہ انھن عَشَرَہ مُبَشَّرَہ ۾ ٿيندو آھي.

وہ دَسوں جن کو جنّت کا مژدہ ملا

اُس مُبارک جماعت پہ لاکھوں سلام (حدائقِ بخشش، 311)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

۽ اَحاديثِ مُبارَڪ ۾ بہ مختلف ھنڌن تي اوھان رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ جا فضائل ۽ مَناقِب بہ بيان ڪيا ويا آھن، اچو! ھن باري ۾ 2 فرمان مُصطَفٰي صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. مَنْ سَرَّہٗ اَنْ یَّنْظُرَ اِلٰی شَھِیْدٍ یَمْشِیْ عَلٰی وَجْہِ الْاَرْضِ فَلْیَنْظُرْ اِلٰی طَلْحَۃَ بْنِ عُبَیدِاللہ يعني جيڪو زمين تي ھلندڙ ڦرندڙ شھيد (يعني زندھ) شھيد جي زيارت سان خُوش ٿيڻ چاھي تہ اھو طلحہ بن عُبَيدُالله (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ) کي ڏسي وٺي.

(ترمذی،کتاب المناقب،باب مناقب ابی محمد طلحۃ بن عبید اللہ،۵/۴۱۲،حدیث:۳۷۶۰)

2. طَلْحَۃُ وَالزُّبَیْرُ جَارَایَ فِی الْجَنَّۃِ يعني طلحہ ۽ زُبَير (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھُمَا) جنّت ۾ منھنجا پاڙيسري ھوندا. (ترمذی، کتاب المناقب،باب مناقب ابی محمد طلحۃ بن عبید اللہ،حدیث:۳۷۶۲، ۵/۴۱۳)

مُفَسّرِ شَھير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْہ ھن حديثِ پاڪ جيَ تحت فرمائن ٿا: يعني ٻئي سڳورا (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھُمَا) جنّت ۾ منھنجي گھڻو ويجھو ھوندا، پاڙيسري قريب ئي ھوندو آھي، قريب ئي رھندو آھي (وڌيڪ فرمائن ٿا تہ) ھن فرمانِ عالي ۾ آھي انھن ٻئي سڳورن (رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھُمَا) جو مؤمن مُتَّقِی ھجڻ، انھن جو خاتمو بالخير، قبر جي امتحان ۾ ڪاميابي،



www.dawateislami.net

محشر ۾ نجات، پُل صِراط کان خيريت سان گُذرڻ، جنّت ۾ داخلو، اتي جو مقام سڀ ڪجهه ٻڌايو ويو. (مرآة المناجيح،٨/٤٤٠)

اچو! هاڻي بُخل، سخاوت، سخي ۽ بَخِيل جي وصف بہ ٻڌون ٿا:

## بُخل جي وصف

بُخل جي لغوي معنٰي ڪنجوسي آهي ۽ جتي خرچ ڪرڻ، شرعاً، عادتاً يا مروّتاً لازم هجي، اتي خرچ نہ ڪرڻ کي بُخل (يعني ڪنجوسي) چيو ويندو آهي. يا جنهن هنڌ مال ۽ اسباب خرچ ڪرڻ ضروري هجي، اتي خرچ نہ ڪرڻ، اهو بہ بخل آهي. (الحديقة الندية، ج٢، ص٢٧، مفردات الفاظ القران١٠٩)

## جُود ۽ سخاوت جي وصف

حُجَّةُ الْاِسْلام حضرت سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه اِحياءُ العلوم ۾ جُود ۽ سخاوت جي وصف هنن لفظن سان ڪئي آهي: فضول خرچي ۽ ڪنجوسي، ڪشادگي ۽ تنگيءَ جي وچولي راهہ جو نالو جُود ۽ سخا آهي. (احياء العلوم،٣/٧٨٠)

## سخي ۽ بَخِيل جي وصف

مُفسّرِ شَهير، حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ عَرَب جي چوڻين ۾ عام طور سخي ان کي چون ٿا تہ جيڪو پاڻ بہ کائي، ۽ ٻين کي بہ کارائي، جوّاد اهو جيڪو پاڻ نہ کائي، ٻين کي کارائي، ان کري اللّٰہ تعالٰي کي سخي ناهي چئبو (جَوَاد چيو ويندو). سخي جي مُقابِل ۾ بَخِيل آهي جيڪو پاڻ کائي ۽ ٻين کي نہ کارائي .جَواد جي مُقابِل مُمْسِڪ (مال جمع ڪرڻ وارو) آهي جيڪو نہ پاڻ کائي نہ کائڻ ڏئي. اللّٰہ تعالٰي جون تمام دُنيوي اُخرَوي نعمتون دُنيا جي لاءِ آهن، ان (جي پنهنجي ذات) جي لاءِ نہ آهن . ...[1](مرآة المناجيح،١/٢٢١ )

ياد رکو! حُقُوقِ واجبہ (زڪٰوة وغيره) اَدا ڪرڻ ۾ بُخل ڪندي مال گڏ ڪندو رهڻ جو درد ناڪ عذاب آهي. اللّٰہ تعالٰي سيپاري 10 سُوْرَةُ التَّوْبَه آيت



www.dawateislami.net

نمبر 34 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَالَّذِينَ يَكۡنِزُونَ الذَّهَبَ وَالۡفِضَّةَ وَلَا يُنۡفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللّٰهِ فَبَشِّرۡهُمۡ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ (پ۱۰،التوبه:۳۴)

**تَرجمو ڪنز الايمان:** ۽ جيڪِي گڏ ڪري رکن ٿا سَون ۽ چاندِي ۽ اُن کي الله جِي راه ۾ خرچ نہ ٿا ڪن، اُنهن کي خوشخبري ٻڌاءِ دردناڪ عذاب جي.

حضرت صدر الافاضل مولانا سَيّد،مفتي نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه آيت سڳوري جي هن حصي " **الله جِي راه ۾ خرچ نہ ٿا ڪن** " جي تحت فرمائن ٿا: بخل ڪندا آهن ۽ مال جا حق ادا نہ ڪندا آهن، زڪوٰة ادا نہ ڪندا آهن، اها آيت مانِعِين زَڪوٰة (يعني زڪوٰت جو انڪار ڪرڻ وارن) جي باري ۾ نازل ٿي.

سيپاري 15 سوره بني اسرائيل جي آيت نمبر 100 ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو فرمانِ حقيقت بُنياد آهي:

قُلۡ لَوۡ أَنۡتُمۡ تَمۡلِكُونَ خَزَائِنَ رَحۡمَةِ رَبِّي إِذًا لَأَمۡسَكۡتُمۡ خَشۡيَةَ الۡإِنۡفَاقِ وَكَانَ الۡإِنۡسَانُ قَتُورًا (پ۱۵، بني اسرائيل: ۱۰۰)

**تَرجمو ڪنز الايمان:** توهان فرمايو جيڪڏهن توهان منهنجي ربّ جي خزانن جا مالڪ هجو ها تہ ان وقت توهان مسڪين ٿيڻ جي خوف کان انهن تي خرچ نہ ڪريو ها، ۽ انسان بخيل آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! مال ۽ دولت ڪنهن وٽ هميشہ نہ رهي آهي نہ آئنده رهندي، ان ڪري جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن خوش نصيب کي ان نعمت سان نوازيو آهي تہ ان کي گهرجي تہ ان نعمت جي قدر ڪري ۽ ان جي ناشڪري کان بچندو رهي، هن فاني مال ۽ دولت کي ضرورت جي علاوه گڏ نہ ڪري، بلڪ صحابِي رسول حضرت سيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي نَقشِ قدم تي هلندي، وقت بوقت ان کي الله جي راه ۾ خرچ ڪري پاڻ کي سخاوت جي زيور سان سينگاري، ياد رکو جيڪو شخص سخاوت جي



www.dawateislami.net

بدران بُخل ڪري ٿو ته ان کي قلبي سُڪون ۽ اطمينان نصيب ناهي ٿيندو، اهڙو شخص رشتيدارن سان حُسنِ سُلوڪ ناهي ڪندو، نيڪيء جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ کي فضول خرچي تَصَوُّر ڪندو آهي، بالفرض جيڪڏهن ڪنهن نيڪ ڪم ۾ حصو ملايو به ته حالت اها هوندي آهي جو چند سِڪا اهي به جيڪي ڪيسي تي ڀاري هئا يا وري ڪيسي ۾ موجود سڀ کان ننڍو نوٽ ۽ پراڻو نوٽ جيڪو مختلف هٿن تان ڦاٽل يا ڳريل هوندو آهي اهو ڏئي وڏيڪ ثواب جو اعلان ٿيڻ جي اميد رکندو آهي، بَخِيل شخص مال جمع ڪرڻ کي پنهنجو ڪمال تَصَوُّر ڪندو آهي، حقدارن کي محروم رکي انهن جون ناراضگيون برداشت ڪندو آهي، انهن جي دعائن کان پاڻ کي محروم ڪندو آهي، ماڻهن کي پاڻ جي باري ۾ تهمتن بدگمانين ۽ غيبتن ۾ مبتلا ڪندو آهي ۽ انهي بخل جي ڪري زڪوٰة ۽ فطرو وغيره، صدقاتِ واجبه جي ادائيگي ۾ ڪوتاهي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مدني حبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ناراض ڪندو آهي ۽ پاڻ کي جهنم جو حقدار بڻائيندو آهي، اچو! بُخل جي تباه ڪارين تي مُشتَمِل 3 ارشاداتِ مُصْطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. اِنَّ اللهَ تَعَالٰى يبْغَضُ الْبَخِيلَ فِي حَياتِهِ السَّخِيَ عِنْدَ مَوْتِهِ يعني الله عَزَّوَجَلَّ ان شخص کي ناپسند ڪندو آهي، جيڪو سڄي زندگي بُخل ڪري ۽ مرڻ مهل سخاوت ڪري.[5]

2. مَا مَحَقَ الْاِسْلَامُ شَيأً مَحْقَ الشُّحِّ يعني اِسلام ڪنهن شيء کي ايترو ناهي مٽايو جيترو بخل کي مٽايو آهي.[6]

3. سخاوت جنّت ۾ هڪ وڻ آهي ته جيڪو سخي ٿيو ته ان وڻ جي

---

[5]...ڪنز العمال،ڪتاب الاخلاق،الباب الثانی، الفصل الثانی،حرف الباء:البخل،الجزء۲،۳/ ۱۸۰،حديث :۷۳۷۳

[6]...معجم اوسط،من اسمہ ابراہيم،۱۵۱/۲،حديث:۲۸۴۳



www.dawateislami.net

ٽاري پڪڙي ورتي، اها ٽاري ان کي نہ ڇڏيندي ايتري تائين جو ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي، ۽ بخل جهنم ۾ هڪ وڻ آهي تہ جيڪو بخيل ٿيو ان وڻ جي ٽاري پڪڙي ورتي، اها ٽاري ان کي نہ ڇڏيندي ايتري تائين جو ان کي جهنّم ۾ داخل ڪري ڇڏيندي.(7)

مُفَسّرِ شَهير،حڪيم الاُمَّت مفتي اَحمد يار خانرَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه هن آخري حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني سخاوت جي پاڙ جنت ۾ آهي، ان کي فرمايو ويو تہ ان وڻ جون ٽاريون دنيا ۾ گهٽيون پکڙيل آهن جيئن قرآن ڪريم فرمائي ٿو تہ ڪلمہ طَيِّبہ جي پاڙ مسلمان جي دل ۾ آهي ۽ ٽاريون آسمان ۾ (۽ هي) هميشہ پنهنجو ميوو ڏيندو آهي، ان ڪري هن آيت ۾ بہ اهو مثال بيان فرمايو ويو آهي ۽ حديث ۾ بہ مثال اهو ئي بيان ڪيو ويو آهي. (وڌيڪ فرمائن ٿا) شريعت ۾ سخاوت جو ادنيٰ دَرَجو هي آهي تہ انسان فرض صدقو ادا ڪري ۽ طريقت ۾ ادنيٰ دَرَجو هي آهي تہ صرف فرض تي قناعت نہ ڪري، نفلي صدقو بہ ڏئي، حقيقت ۽ مَعرفت وارن وٽ ان جو ادنيٰ دَرَجو هي آهي تہ پنهنجي ضرورتن تي ٻين جي ضرورتن کي ترجيح ڏئي .(8)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ياد رکو! جهڙي طرح راهِ خُدا ۾ خَرچ ڪرڻ، اِنسان جي پنهنجي ذات جي لاءِ مُفيد آهي، اهڙي طرح بُخل ڪرڻ بہ ان جي پنهنجي ذات جي لاءِ نقصان جو سبب آهي. نيڪي وارن ڪمن جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي سخي ٻانهن کي چونڊي وٺندو آهي، جيڪي دل کولي راهِ خدا ۾ خرچ ڪندا آهن ۽ تمام گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪري ۽ ضرورت مند ماڻهن تي سخاوت جو درياء وهائيندا آهن، پر ان باوجود انهن جي ڪاروبار ۽ مال ۾ حيرت انگيز

---

7...شعب الايمان ، باب فی الجودو السخاء ،۷/ ۴۳۵، حديث :۱۰۸۷۷

8...مرآة المناجيح، ۹۱/۳بتغير قليل



www.dawateislami.net

طور تي ترقّي و برڪت ئي ٿيندي رهندي آهي، جڏهن ته ڪنجوس جو حال هي هوندو آهي جو گهڻو مال ۽ دولت هئڻ جي باوجود ان کي پنهنجو مال گهٽ ئي لڳندو آهي، جنهن جي ڪري اهو صَدَقاتِ واجِبه و نافِلہ جي اَدائيگي ڪرڻ، نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ مخلوق خدا جي مدد ڪرڻ سان سڄي زندگي ڪيٻائيندو رهندو آهي ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجي مال ۾ گهٽتائي ٿي وڃي، آخرڪار هڪ ڏينهن موت جو فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ موت کان پوءِ ان جو سمورو مال ان جي وارثن کي ملي ويندو آهي، اچو هن باري ۾ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 410 صَفحن تي مُشْتَمِل ڪتاب ”عُيُونُ الحکايات“ (حِصّه اوّل) جي صَفحي 74 تان ڪَنجُوسي جي اَنجام جي باري ۾ هڪ عِبرتناڪ حِڪايت ٻڌون ٿا:

## ڪَنجُوسي جو اَنجام

حضرت سَيدُنا يزيد بن مَيسَره رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان کان پهريان وارين اُمّتن مان هڪ شخص هو، جنهن گهڻي مال ملڪيت گڏ ڪئي هئي ۽ ان کي اولاد به گهڻو هو، طرح طرح جون نعمتون ان کي مليل هيون، گهڻو مال هئڻ باوُجُود هو گهڻو ڪَنجُوس هو. الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ڪجهه خرچ نه ڪندو هو، هر وقت انهيءَ ڪوشش ۾ رهندو هو ته ڪنهن نموني منهنجي دولت ۾ اضافو ٿي وڃي، جڏهن ان گهڻو مال جمع ڪري ورتو ته پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: هاڻي ته مان عَيش و عِشرَت جي زندگي گذاريندس، پوءِ اهو پنهنجي اهل و عِيال سان خُوب عَيش و عِشرَت سان رهڻ لڳو.

تمام گهڻا نوڪر چاڪر هر وقت هٿ ٻڌي ان جي حڪم جي انتظار ۾ رهندا هئا، مطلب ته! اهو انهن دنياوي آسائشن ۾ اهڙو مگن ٿيو جو ان



www.dawateislami.net

پنهنجي موت کي بلڪل وساري ڇڏيو، هڪ ڏينهن مَلَڪُ المَوت حضرت سَيدُنا عِزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ فقير جي شڪل ۾ انهن جي گهر آيا ۽ دروازو کڙڪايو، غُلام فوراً دروازي تي آيو، ۽ جيئن ئي دوازو کوليو تہ سامهون هڪ فقير کي ڏٺو، ان پڇيو تہ تون هتي ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ مَلَكُ الْمَوْت عَلَيۡهِ السَّلَام جواب ڏنو: وڃ پنهنجي مالڪ کي موڪل مون کي ان سان ڪم آهي.

نوڪرن ڪوڙ ڳالهائيندي چيو: اهو تون جهڙي ڪنهن فقير جي مدد ڪرڻ ٻاهر ويو آهي، حضرت سَيدُنا مَلَكُ الْمَوْت عَلَيۡهِ السَّلَام ڪجھ دير ڪان پوءِ ٻيهر در کڙڪايو، غلام ٻاهر آيو تہ ان کي چيو: وڃ! ۽ پنهنجي آقا کي چئو: مان مَلَكُ الْمَوْت عَلَيۡهِ السَّلَام آهيان.

جڏهن ان مالدار شَخص اها ڳالھ ٻڌي تہ تمام گهٽو ڊنو ۽ پنهنجي غلامن کي چيو: وڃو! ۽ ان سان نهايت نرمي سان گُفتگو ڪيو. نوڪر ٻاهر آيا ۽ حضرت سَيدُنا مَلَكُ الْمَوْت عَلَيۡهِ السَّلَام کي چوڻ لڳا: اوهان اسان جي مالڪ جي بدران ڪنهن ٻئي جو روح قبض ڪري وٺو ۽ ان کي ڇڏي ڏيو، الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي برڪتون عطا فرمائي، حضرت سَيدُنا مَلَكُ الْمَوْت عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: ائين هرگز نٿو ٿي سگهي، پوءِ مَلَكُ الْمَوْت عَلَيۡهِ السَّلَام اندر تشريف وٺي ويا ۽ ان مالدار شَخص کي چيو: تو کي جيڪا وَصِيت ڪرڻي آهي ڪري وٺ، مان تنهنجو رُوح قبض ڪرڻ ڪان بنا هرگز نہ ويندس.

اهو ٻڌي سڀئي گهروارن دانهون ڪري روئڻ شروع ڪيو، ان شخص پنهنجي گهر وارن ۽ غُلامن کي چيو: سون چاندي سان ڀريل صَندُوق ۽ تابُوت کولي ڇڏيو ۽ منهنجي سموري دولت منهنجي اڳيان حاضر ڪيو، هڪدم حڪم جي تَعمِيل ڪئي وئي ۽ سمورو خزانو ان جي قدمن ۾ رکيو ويو، اهو شَخص سون چاندي جي ڍير وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اي ذليل ۽ بد ترين مال! تون تي لعنت هجي، تون ئي مون کي پرور دگار عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر



www.dawateislami.net

کان غافِل رکيو، تو ئي مون کي آخرت جي تياري کان روڪي رکيو هو.

اهو ٻڌي مال ان کي چوڻ لڳو: تون مون کي ملامت نه ڪر، ڇا تون اهو ئي نه آهين جو دُنيادارن جي نظرن ۾ حقير هئين؟ مون تنهنجي عزّت وڌائي. منهنجي ئي ڪري بادشاهن جي درٻار ۾ تنهنجي رسائي ٿي، نه ته غريب ۽ نيڪ ماڻهو ته اتي پهچي نٿا سگهن، منهنجي ڪري ئي تنهنجو نڪاح شهزادين ۽ امير زادين سان ٿيو، نه ته غريب ماڻهو انهن سان ڪيئن شادي ڪري سگهن ها، هاڻي اها تنهنجي بدنصيبي آهي جو تو مون کي شيطاني ڪمن ۾ خرچ ڪيو، جيڪڏهن تون مون کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرين ها ته اها ذِلّت و رُسوائي تنهنجو مُقَدَّر نه ٿي ها. ڇا مون تو کي چيو هو ته مون کي نيڪ ڪمن ۾ خرچ نه ڪر؟ اڄ جي ڏينهن مان نه، بلڪ تون وڌيڪ ملامت ۽ لعنت جو مستحق آهين .

اَجل نے نہ کسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا اِسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا

ہر اک لے کے کیا کیا نہ حسرت سدھارا پڑا رہ گیا سب یونہی ٹھاٹھ سارا

جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## محبت جي ڪنجي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً هر مسلمان جي دل ۾ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين اها خواهش ضرور هوندي اهي ته مان الله عَزَّوَجَلَّ جو پسنديده ۽ محبوب ٻانهو بڻجي وڃان، حالانڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ لازم آهي ته ٻانهو دنيا کان بي رغبت ٿي وڃي، جيئن ته نبي رحمت،شفيع اُمّت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:جڏهن توهان الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب بنجڻ چاهيو ته دُنيا کان بي رغبت ٿي وڃو.[1]... (قوت القلوب، الفصل التاسع والعشرون، ج۱، ص۱۹۵)

هن حديثِ شريف مان معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب بڻجڻ جي لاءِ دُنيا



www.dawateislami.net

ڪان بي رغبت ٿيڻ ضروري آهي ۽ دُنيا ڪان بي رغبتي اِختِيار ڪرڻ جو طريقو بيان ڪندي شيخ ابو طالب محمد بن علي مڪي رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ دُنيا ڪان بي رغبت ٿيڻ جي لاءِ سڀ ڪان پهريان سخاوت کي اپنائڻو پوندو آهي، ڇو تہ جيڪو سخي نہ هجي اهو دنيا ڪان بي رغبت نٿو ٿي سگهي ۽ جيڪو دنيا ڪان پاسو نہ ڪري اهو الله عَزَّوَجَلَّ جو محبوب بہ نٿو ٿي سگهي. (قوت القلوب، الفصل التاسع والعشرون، ۱۹۵/۱) شايد اهو ئي سبب آهي جو اسان جا اڪابر ۽ بزرگانِ دين بُخل ڪان بچڻ ۽ سخاوت ڪرڻ جو ذهن ڏيندا هئا جيئن تہ

## هر حال ۾ صَدَقو ڪيو

اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سيدُنا عَلِيِ المُرتضٰي ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم فرمائن ٿا: جيڪڏهن اوهان وٽ دنيا جي دولت اچي، تہ ان مان ڪجھ خرچ ڪيو، ڇوتہ خرچ ڪرڻ سان اها ختم ناهي ٿيندي ۽ جيڪڏهن دنيا جي دولت اوهان ڪان منهن ڦيري ڪري وڃڻ لڳي تہ بہ ان مان خرچ ڪيو ڇوتہ ان کي باقي بہ ناهي رهڻو. (احياء العلوم،۷۳۸/۳)

## جُود ۽ ڪَرَم ايمان مان آهي

حضرت سيدُنا حُذَيفہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: دِين جا گُناهہ گار ۽ زندگي ۾ لاچار و بدحال ڪيئي ماڻهو رڳو پنهنجي سخاوت جي ڪري جنت ۾ داخل ٿي ويندا. (احياء العلوم،۷۴۰/۳)

## اهڙو زمانو ايندو

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم پنهنجي خُطبي ۾ ارشاد فرمايو: عنقريب ماڻهن تي اهڙو سخت زمانو ايندو جو جنهن ۾ مالدار ماڻهو پنهنجو مال مضبوطي سان پڪڙي رکندا جڏهن تہ ان ڳالهہ جو حڪم ناهي ڏنو ويو، الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: (پ۲،البقرة:۲۳۷)

وَلَا تَنۡسَوُا الۡفَضۡلَ بَيۡنَکُمۡ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي اِحسان ڪرڻ نہ وِساريو. (احياء العلوم،۷۶۷/۳)



www.dawateislami.net

## ڪنجوس جي لاءِ بد دُعاءِ سخي جي لاءِ دُعا

حضرت سيدُنا ڪَعْبُ الْاَحبار رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: هر صُبح جو ٻہ ملائڪ مُقَرَّر آهن، جيڪي پڪاري چوندا آهن: اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! روڪي رکڻ واري (يعني ڪنجوس) جو مال جلد ضايع ڪري ڇڏ، ۽ خرچ ڪرڻ واري (يعني سخي) کي جلد ان جو بدلو عطا فرمائي. (احياء العلوم،۳/۷۶۷)

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ
گناہوں سے ہر دَم بچایا اِلٰہی (وسائلِ بخشش ص105)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سخي سان محبت ۽ ڪنجوس سان نفرت

حضرت سيدُنايحييٰ بن مُعاذ رازي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا:سخين جي باري ۾ دل ۾ محبت ئي هوندي آهي، جيتوڻيڪ اهي فاسق ۽ فاجر هجن، جڏهن تہ بَخِيل (ڪنجوس) ماڻهن سان نفرت هوندي آهي جيتوڻيڪ اهي نيڪ هجن. (احياء العلوم،۳/۷۶۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فيضانِ حضرتِ طلحہ بن عُبَيدُاللّٰه** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان فيضياب ٿيڻ ۽ نيڪي جي دعوت کي گھرگھر، دُڪان دُڪان پهچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي علاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت ۾ اوّل تا آخر شرڪت جي سعادت حاصل ڪيو، علاقائي دؤره براءِ نيڪي جي دعوت جي ذريعي هڪ شرابي تائين پهچڻ واري نيڪي جي دعوت ۽ ان ڪان پوءِ ان شرابي جي توبہ، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي ۽ مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت جي حوالي سان هڪ نهايت پياري مدني بهار ٻڌو:



www.dawateislami.net

## نِيّت صاف منزل آسان

عاشِقانِ رسول جو هڪ مَدَني قافلو ڪَپڙوَنج (گُجرات، هِند) پهتو، ”عَلاقائي دَؤره براءِ نيڪي جي دعوت“ جي دَوران هڪ شرابي سان مُلاقات ٿي، عاشِقانِ رسول ان تي خُوب اِنفرادي ڪوشِش ڪئي، جڏهن ان سبز سبز عمامي وارن جي شفقت ۽ محبت ڏٺي ته هتو هٿ انهن سان گڏ هلڻ لڳو، عاشِقانِ رسول جي صحبت جي بَرَڪت سان گُناهن کان توبه ڪئي، ڏاڙهي مُبارَڪ وڌائي، سبز عمامي جو تاج به مٿي تي سجائي ورتو، مدني لباس پائڻ جو ذهن به بڻجي ويو، ڇهه ڏينهن تائين مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري سگهيو، وڌيڪ 92 ڏينهن جي لاءِ مَدَني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪئي پر زادِ قافلہ يعني سفر جا اَخراجات نہ هئا. هڪ ڏينهن هڪ رشتيدار سان ملاقات ٿي، ان جڏهن مُعاشَري جي بَدنام ۽ شرابي کي ڏاڙهي، سبز سبز عمامي ۽ مَدَني لباس ۾ ڏٺو ته ڏسندو ئي رهجي ويو، جڏهن ان کي ٻڌايو ويو ته هي سڀ مَدَني قافلي ۾ سفر جي بَرَڪت آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ اَسباب ٺهڻ جي صُورت ۾ وڌيڪ 92 ڏينهن جي سفر جو پڪو ارادو آهي ته ان رشتيدار چيو ته، پيسن جي فِڪر نہ ڪيو، 92 ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سفر جو خرچ مون کان قبول ڪري وٺو ۽ گڏوگڏ 92 ڏينهن جي سندن جي گهر جو خرچ به مان پنهنجي ذمي وٺان ٿو، اهڙي طرح اهو ديوانو 92 ڏينهن جي لاءِ مَدَني قافلي جو مُسافر بڻجي ويو.

يا خُدا! نکلوں میں مدنی قافلوں کے ساتھ کاش! سُنّتوں کی تَربِیَت کے واسطے پھر جلد تَر!
خُوب خِدمت سُنّتوں کی ہم سَدا کرتے رہیں مدنی ماحول اے خُدا ہم سے نہ چُھوٹے عُمر بھر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بزرگانِ دين ڪيئن هئا؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سَيدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مان توهان کي ٻڌايان ٿو توهان ڇا آهيو؟ ۽



www.dawateislami.net

بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی اَجْمَعِیْن ڪيئن هئا؟ ته جيئن توهان کي پنهنجي خرابي ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي فضيلت معلوم ٿي وڃي. ڪن صحابہ سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان وٽ مال هو، پر انهن جو مقصد سوال کان بچڻ ۽ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ هو، ان ڪري انهن حلال ڪمايو، پاڪيزه ڪاڏو، ميانہ رَوِي سان خرچ ڪيو ۽ (صدقي ۽ سخاوت جي ذريعي پنهنجي مال کي) پنهنجي آخرت جي لاءِ اڳتي موڪليو، جيڪو ڪجھ انهن تي مالي حقَ لازم هئا، ان ۾ انهن ڪوتاهي نہ ڪئي ۽ نہ ئي بخل ڪيو، بلڪ انهن اڪثر مال اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ خرچ ڪري ڇڏيو، ايستائين جو انهن مان ڪن تہ سڄو مال ئي راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيو، ۽ تنگي جي وقت ۾ اڪثر اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا کي پنهنجي ذات تي ترجيح ڏني، توهان ٻڌايو! ڇا توهان بہ اهڙا آهيو؟ اللّٰه جو قسم! توهان انهن سان ذري برابر بہ مُشابَهت نٿا رکو. اڪابر صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مسڪين رهڻ پسند ڪندا هئا، محتاجي جي ڊپ کان بي خوف رهندا هئا ۽ رزق جي معاملي ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تي يقين رکندا هئا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيڪو ڪجھ انهن جي لاءِ مُقَدَّر فرمايو آهي، ان تي خُوش رهندا هئا، مصيبت ۽ آفت واري حالت ۾ رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي، خُوشحالي ۾ شڪر گذار، تنگي ۾ صابر، راحت ۾ ان جي ساراهہ ڪرڻ وارا هئا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِعاجزي ڪرڻ وارا ۽ غرور وتڪبُّر ۽ مال جي گهٽائي تي فخر کان پري رهڻ وارا هئا، انهن دنيا کي نوڪر هنئي ۽ ان جي سختين تي صبر ڪيو ۽ ان جو ڪوڙو ڍڪ پيتو ۽ ان جي نعمتن ۽ آسائشن کان بي پرواهہ رهيا، ڇا توهان بہ اهڙا آهيو؟ جڏهن دُنيا انهن ڏانهن مُتَوَجّهه ٿيندي هئي تہ اهي غمگين ٿي ويندا هئا ۽ (عاجزي ڪندي) فرمائيندا هئا تہ اهو ڪهڙي گناهہ جي سزا آهي، جيڪا انهن کي هڪدم ملي آهي، ۽ جڏهن فقر کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسندا هئا تہ فرمائيندا هئا، صالحين عَلَيهِم رَحمَةُ اللهِ المُبِين جي نشاني جو اچڻ مبارڪ هجي جڏهن انهن کي مالي آسُودگي حاصل ٿيندي تہ غمگين ٿيندا ۽ ڊپ ڪندا ۽



www.dawateislami.net

فرمائيندا هئا: اسان جو دنيا سان ڪهڙو تعلّق آهي؟ اها اسان جو مقصد ناهي، ڇڻ ته اهي خوف محسوس ڪندا هئا ۽ جڏهن تڪليفون ۽ پريشانيون انهن تي نازل ٿينديون هيون ته ان تي خوش ٿيندا ۽ فرمائيندا هئا: هاڻي اسان جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ اسان تي نظرِ ڪَرَم ڪئي آهي. اهي هئا سَلَف صالحين عَلَيهِم رَحمَةُ اللهِ المُبِين جا اَحوال ۽ اُنهن جا اَوصاف، انهن جا فضائل ته ايترا آهن جو بيان ممڪن ناهي. (مزيد فرمائن ٿا ته) هاڻي توهان جي حالت بيان ڪيان جيڪو انهن جي وصفن جي بلڪل اُبتڙ آهي، توهان مال داري جي حالت ۾ سرڪشي ڪندا آهيو، خوشحالي ۾ ناشڪري ڪندا آهيو ۽ مال ودولت جي گهٽائي ۾ آڪڙ ڪندا آهيو، نعمتن تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا نٿا ڪيو، تڪليف جي حالت ۾ نااُمّيدي اِختِيار ڪندا آهيو، آزمائش جي وقت ناراض ٿيندا آهيو ۽ ان جي رِضا تي راضي نه ٿيندا آهيو. (احياء العلوم،۳/۷۹۸تا ۸۰۰ملتقطاً)

امیں ہیں یہ قرآن ودِینِ خدا کے

مدارِ ہدیٰ اِعتبارِ صحابہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته صحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهم اَجْمَعِيْن ڪيڏا نه ساده طبيعت جا مالڪ ها، باوجود ان جو انهن ۾ بعض حضرات اِنتهائي مالدار هئا، پر پوءِ به انهن تي هروقت خوفِ خُدا جو غَلَبو رهندو ، مال و دولت جي گهٽائي جي باوجود اهي سڀُورا بُخل جهڙي مُوذي مرض ڪي پنهنجي ويجهو اچڻ به نه ڏيندا هئا، هر وقت مال ودولت گڏ ڪرڻ، امير ڪبير بڻجڻ ۽ عيش سان رهڻ جي خواهش نه رکندا هئا، اهي اصحاب فَقر ۽ فاقي واري زندگي گُذارڻ ڪي پاڻ لاءِ نعمتِ خداوندي تَصَوُّر ڪندا هئا، دِينِ اسلام جي خاطر مال و دولت خرچ ڪندا هئا ۽غريبن، مسڪينن ۽ حاجت مندن تي دِل کولي خرچ ڪندا هئا، اچو! صحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهم اَجْمَعِيْن ۽



www.dawateislami.net

بزرگانِ دينعَلَيهِم رَحمَةُ اللهِ المُبِين جي سخاوت جا ڪي مختصر واقعا بُڌون ٿا:

## صحابہَ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون سخاتون

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سَيِدُناعُثمانِ غنيرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ڀيري نو سو پنجاه (950) اُٺ، پنجاه (50)گهوڙا ۽ هڪ هزار (1000) اَشرفيون راهِ خدا ۾ ڏنيون، ڀيهر بعد ۾ ڏهه هزار (10,000) اَشرفيون پيش ڪيون (مرآة المناجيح،۳۹۵/۸بتغير قليل) ✿ حضرت سَيِدُناعبدُ الرحمٰن بن عَوْفرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجا ست سو (700) اُٺ مع ساز و سامان راهِ خُدا ۾ خيرات ڪيا. هڪ ڀيري چار هزار (4000)، ٻئي ڀيري چاليهه هزار (40،000) درهم ۽ ٽي ڀيري پنج سو (500) گهوڙا ۽ پنج سو (500) اُٺ راهِ خُدا ۾ ڏنا، وفات جي وقت هڪ هزار (1000) گهوڙا ۽ پنجاه هزار (50،000) دِينارن جو صدقو ڪيو، ۽ جنگِ بدر ۾ شريڪ ٿيڻ وارن صحابہَ سڳورن رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھم اَجْمَعِیْن جي لاءِ چار چار سو دِينار، جڏهن تہ اُمُّ المؤمنين حضرت سَيِدَتُنا عائشہ صِدّيقہرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہَا ۽ ٻين اَزواجِ مُطَهرات رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُنَّ جي لاءِ هڪ باغ جي وصيت ڪئي، جيڪو چاليهه هزار (40،000) درهم جي ماليت جو هو. (ڪراماتِ صحابہ،ص۱۲۶ ملخصاً) ✿حضرت سَيِدُناعبدُالله بن عُمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي پسنديده شيءِ هڪدم راه خدا ۾ خَيرات ڪندا هئا، پاڻرَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي زندگي ۾ هڪ هزار (1000) غُلامن کي خريد ڪري آزاد فرمايو.(ڪراماتِ صحابہ،ص ۱۵۹بتغير قليل) ✿ حضرت سَيِدُنا عبدُ الله بن جعفر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کي ماڻهو (سخاوت ۽ دريا دِلي جي سبب) بَحرُالْجُوْد (سخاوت جو دريا) ۽ اَسْخَی الْمُسْلِمِیْن(مسلمانن ۾ سڀ کان وڌيڪ سخي) چوندا هئا. (ڪراماتِ صحابہ،ص۲۲۳بتغير قليل)

## بزرگانِ دين جون سخاوتون

حضرت سَيِدُنا امام زَينُ العابدِين رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنهنجي زندگي ۾ ٻہ ڀيرا



www.dawateislami.net

پنهنجو سمورو مال راهِ خدا ۾ خيرات ڪيو، پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جي سخاوت جو اهو عالم هو جو پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ مديني جي ڪيترن ئي غريبن جي گهرن ۾ اهڙي پوشيده طريقن سان رقم موڪليندا هئا جو غريبن کي معلوم ئي نه ٿيندو هو ته اها رقم ڪٿان ڪان اچي ٿي؟ پر جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جو وصال ٿي ويو ته انهن غريبن کي خبر پئي ته اها حضرت سَيدُنا امام زَينُ العابدِين رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جي سخاوت هئي.[9] ❁حضرت سَيدُنا عزيزُالدّين بن عبدُ السَّلام سُلَمي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ غربت جي باوُجُود خُوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪو سوالي ايندو هو ته پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ وٽ ان کي ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه نه هوندو هو پنهنجي عمامي شريف جو ئي ڪجهه حصو ڪٽي ان کي عنايت ڪندا هئا.[10] ❁ حضرت سَيدُنا امام محمد بن حسن رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ ايترا مالدار هئا جو 300 ماڻهو پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جي ملڪيت جي حساب ڪتاب لاءِ رکيل هئا، پر پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ پنهنجو سمورو مال علمِ دين جي ترويج واشاعت جي لاءِ خرچ ڪري ڇڏيو، ايستائين جو سندن وٽ ڪپڙن جو ڪو عمده وڳو به نه رهيو . (راهِ علم،ص۶۴بتغير قليل)

صحابہ ہیں تاجِ رسالت کے لشکر

رسولِ خدا تاجدارِ صحابہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته سخاوت جي معاملي ۾ صحابهِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ بزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين جو ڪيڏو نه مدني ذهن ٺهيل هو ان ڪري اسان کي به الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪندي ان جي ڏنل رزق مان انهن غريب ۽ نادار رشتيدارن پاڙيسرين، بيواهن، يتيمن، علم دين جي طالبن ۽ ٻين مستحق ماڻهن تي خرچ ڪرڻ سان گڏوگڏ نيڪي جي ٻين ڪمن ۾

---

[9]...سير اعلام النبلاء،علی بن حسين ...الخ،۵/۳۳۶،۳۳۷،ملخصاً

[10]...طبقات الشافعية للسبكی، الطبقة السادسة فيمن توفی بين الستمائة والسبعمائة،۸/۲۱۴



www.dawateislami.net

خرچ ڪرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي، سخي شخص قلبي اعتبار سان اطمينان بخش زندگي گذاريندو آهي، ان جي مال و اولاد ۾ برڪت ٿيندي آهي، آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رهندو آهي، مال ۽ دنيا جي محبت دل مان نڪري ويندي آهي، سخاوت ڪرڻ جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ جو ان تي اهڙو خاص لطف وڪرم ٿيندو آهي جو ماڻهن جي دلين ۾ ان جي محبت ۽ اُلفت قائم ٿي ويندي آهي جيئن دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب ''ضیائے صدقات''صفحي 127 تي آهي: ڪنهن بُزرگ کان پڇيو ويو تہ سخاوت بهتر آهي يا شجاعت (يعني بهادري)؟ فرمايائون: خدا تعاليٰ جنهن کي سخاوت ڏي، ان کي شجاعت جي ضرورت ئي ناهي، ماڻهو پاڻهي ان جي سامهون جهڪي ويندا. (11)

ماڻهن جي وچ ۾ عام طور تي جڏهن ڪنهن سخي انسان جو تذڪرو ڪيو ويندو آهي تہ هر ڪو سنن لفظن سان ان جو ذڪر ڪندو آهي، ايستائين جو ان جو دشمن بہ ان جي سخاوت جي ڪري ان جي واکاڻ ڪندو آهي، ڏکويل ماڻهو دل جي گهرائين سان ان کي دعائون ڏيندا آهن، اهڙي شخص جو شمار الله عَزَّوَجَلَّ جي پسنديده ٻانهن ۾ ٿيندو آهي ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ان کي جنّت جي خُوشخبري ٻڌائي ويندي جيئن تہ شهنشاه آدم و بني آدم،رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ راحت نشان آهي: اِنَّ اللّٰهَ جَوَادٌ يُحِبُّ الْجَوَادَ وَيُحِبُّ مَعَالِيَ الْاَخْلَاقِ وَيَكْرَهُ سَفْسَافَهَا يعني الله عَزَّوَجَلَّ جواد آهي ۽ سخاوت ڪرڻ واري کي پسند ڪري ٿو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کي سنا اخلاق پسند آهن ۽ بداخلاقي ناپسند آهي.(12) هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد فرمايو: اَلْجَنَّةُ

---

[11] ...ضیائے صدقات،ص۱۲۷بتغیر قلیل

[12] ...مصنف لابن ابی شیبة،کتاب الادب،باب ماذکر فی الشح،۶/ ۲۵۴،حدیث : ۱۱



www.dawateislami.net

دَارُالْاَسْخِیَآء يعني جنّت سخين جو گھر آهي.[13]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سخاوت جو وصف ڪيئن حاصل ٿئي؟

منا منا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ احاديثِ مُبارَڪہ ۾ بيان ڪيل سخاوت جا فضائل حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي نہ صرف عملي طور تي سخاوت اِختِيار ڪرڻي پوندي، بلڪ ان لاءِ وڌ کان وڌ ڪوشش ڪرڻي پوندي. ياد رکو! شروع ۾ سخاوت اِختِيار ڪرڻ مشڪل ضرور ٿيندو، پر جيڪڏهن ڪن تدبيرن تي عمل ڪيو وڃي تہ آهستي آهستي دل سخاوت ڏانهن مائل ٿي ويندي ۽ بخل جي آفتن کان بہ ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اچو سخاوت جو وصف حاصل ڪرڻ جي لاءِ ترغيب طور ڪي تدبيرون ٻڌون ٿا: (1) وقتاً فوقتاً بارگاهِ الٰهي ۾ هن وصف جي لاءِ دعا ڪيو ڇو تہ دُعا جي برڪت سان وڏا وڏا ڪم ٺهجي ويندا آهن ۽ حديثِ شريف ۾ فرمايو ويو آهي: اَلدُّعَآءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ يعني دُعا مومن جو هٿيار آهي.[14] (2)سخاوت جي فضيلت بابت آيتن، حديثن، روايتن ۽ واقعن کي هر هر پڙهو يا ٻڌو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو .(3) بُخْل جي مَذَمّت بابت آيتن، حديثن، روايتن ۽ واقعن ۾غور و فڪر ڪيو ۽ ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا رهو (4)سخاوت جي صلي ۾ ملڻ واري عظيمُ الشَّان ثواب ۽ رِضاءِ الٰهي ۽ بعض صُورتن (مَثَلاً زڪوٰة ۽ صدقاتِ واجبہ جي ادائيگي) ۾ بُخل جي ڪري ملڻ واري دردناڪ عذاب ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي کي اکين آڏو رکو. (5) پنهنجي مَوت کي ڪثرت سان ياد ڪيو تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ

---

[13]...فردوس الاخبار،باب الجيم،ذكر الفصول من ادوات ...الخ،١/ ٣٣٣،حديث :٢٤٣٠

[14]...مستدرک، كتاب الدعاء ،باب الدعا ء سلاح المومن،١٦٢/٢،حديث:١٨٥٥



www.dawateislami.net

اهو مال منهنجي ڪنهن ڪم نہ ايندو ۽ سڀ هتي ئي رهجي ويندو، ان ڪري سخاوت ڪرڻ ۾ ئي عافيت آهي. (6) نَفس ۽ شيطان جڏهن بہ بُخل ڪرڻ جو مشوره ڏين تہ هميشہ ان جو الٽ ڪيو، سخاوت جي ڪري مال ۾ گهٽتائي بدران الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڀروسو ڪيو ۽ نفس تي جبر ڪندي نيڪ ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ کان هرگز گرگز نہ ڪيٻايو (7) اهڙن ماڻهن جي صحبت اِختِيار ڪيو جن جي برڪت سان خرچ ڪرڻ جو ذهن بڻجي ۽ اهڙن کان پري ڀڄو جيڪي ڪنجوسي ڏانهن رهنمائي ڪن (8) سخاوت جو وصف حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ طرفان شايع ڪيل حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سَيِدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيْه جا ڪتاب مثال طور اِحياءُ العُلوم (مُتَرْجَم، جلد3)، مُكاشَفَةُ الْقُلُوب، مِنْهاجُ الْعَابِدِين ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي "مديني جي ميجي" ۽ المدينةُالعلميہ جا ڪتاب ۽ رسالا مثال طور "ضيائے صَدَقات" ۽ "صدقے کا انعام" وغيره جو مُطالعو ڪيو (9) روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو بہ پُر ڪيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني انعامات جي ذريعي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مُريدن ۽ محبت ڪندڙن کي جتي بين سنين سنين صفتن ۽ عادتن اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي اتي سخاوت جهڙي عمده صفت اپنائڻ جي لاءِ انهن کي عالم سڳورن جي خير خواهي ڪرڻ جو بہ ذهن ڏنو آهي جيئن تہ مدني انعام نمبر 62 آهي: "ڇا توهان هن مهيني ڪنهن سني عالم (يا امامِ مسجد، مؤذن، خادم) کي 112 روپيا يا گهٽ ۾ گهٽ 12 روپيا **تحفةً** پيش ڪيا؟ (نابالغ پنهنجي ذاتي رقم نہ تو ڏئي سگهي)." اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

هن مدني انعام تي عمل جي برڪت سان ڪنجوسي ختم ٿيندي ۽ چڱن ڪمن ۾ مال خرچ ڪرڻ جو ذهن بڻجندو.



www.dawateislami.net

## كتاب ”ضيائے صدقات“ جو تعارُف

صَدَقي جي حوالي سان وڌيڪ معلومات حاصِل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ضيائے صدقات“ جو مطالعو نهايت مُفيد آهي. اهو ڪتاب 19 بابن تي مشتمل آهي ۽ هر بابﮧ صَدَقي جي باري ۾ مختلف مَوضُوعن تي بهترين وضاحت ڪئي وئي آهي، مثال طور صدقي جي معنيٰ، قِسم، فرض زڪوٰة ڪنهن کي ڏني وڃي، صلهءِ رحمي (يعني رِشتدارن سان حُسنِ سُلوڪ) جون فضيلتون، مال جمع ڪرڻ ڪيئن؟ بخل جي مَذَمَّت وغيره، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ هن مُطالعو ڪرڻ واري کي معلومات جو تمام گهڻو خزانو حاصل ٿيندو. تنهنڪري هن ڪتاب کي مكتبة المدينه جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪريو، پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪيو ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏيو، دعوت اسلامي جي ويب www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي پڙهي سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) ۽ پرنٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## بيان جو خُلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حضرت سَيدُنا طلحه بن عُبَيدُ الله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي عظِيمُ الشَّان سخاوت جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. الله تبارڪ و تعاليٰ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي گهڻي مال ۽ ودلت سان گڏ سخاوت، توڪّل، اُخُوَّت ۽ ڀائيچاري ۽ صِلَ رِحمي جهڙين نعمتن سان نوازيو هو. سندن سخاوت جو هي عالَم هو جو هزارين نہ بلڪ لکين درهم غريبن ۾ ورهائيندا ۽ راه خدا ۾ خيرت ڪري ڇڏيندا هئا، پر مٿي تي



www.dawateislami.net

گهنج تائين نہ ايندو هو، ڪڏهن بہ ڪنهن سوالي کي خالي هٿين نہ موٽايو. مال ۽ دولت وٽس هوندي هئي تہ بي چين ٿي ويندا هئا ۽ ان کي ضرورت مندن ۾ ورهائي يا راهِ خدا ۾ خرچ ڪري اِطمينان محسوس ڪندا هئا. هن عظيمُ الشّان سخاوت جي سبب رسولِ خدا، مڪي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خُوش ٿي غزوه اُحُد ۾ انهن کي طَلْحَةُ الْخَيرِ، غزوه عُشَيرَه ۾ طَلْحَةُالْفَيّاض ۽ غزوه حُنَين ۾ طَلْحَةُ الْجُوْد جهڙا عالي شان لقب عطا فرمايا، ۽ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا انهن کي جنّت جي خُوشخبري سان بہ نوازيو، اسان کي بہ گهرجي تہ بخل کي ڇڏي سخاوت اِختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون، يقيناً بُخل هڪ تباه ڪندڙ مصيبت آهي، اسلام ڪنهن شيء کي ايترو ناهي مٽايو جيترو بخل کي مٽايو آهي، اهو ئي سبب آهي جو بُزُرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين بُخل جي نحوست کان بہ گهڻو پري رهندا هئا ۽ هميشہ صبر و قناعت ۽ توڪُّل ۽ سخاوت ڪندا هئا، اُنهن جي سخاوت جو تہ هي عالم هو جو پنهنجي پسنديده شيون بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان خاص ڪري حضرت سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُ الله رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي صدقي دولتِ سخاوت سان مالا مال فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مدني چينل جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دورِ حاضر ۾ ميڊيا، ذهن سازيءَ ڪردارسازي ۾ هڪ ڪارگر هٿيار جو ڪم ڪري رهيو آهي، چاهي ان جا اثرات مُثبت (Positive) هجن يا مَنفِي (Negative)، اها ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي تہ چڱن ۽ برن خيالن ۽ نظرين کي ڦهلائڻ جي لاءِ ميڊيا هڪ بهترين ۽ مُؤثّر ذريعو آهي. ڪيئي ماڻهو پنهنجا مخصوص گمراه ڪُن ۽ باطل نظريا ڦهلائڻ جي



www.dawateislami.net

لاءِ ڏينهن رات هن جو ڀرپور استعمال ڪرڻ لڳا آهن جنهن جي ڪري مسلمانن جو نئون نسل ان جي بُري اَثرات و اَفڪار جي وڪوڙ ۾ اچي ويو آهي، اهڙي صورت حال ۾ هر درد مند دل جي بس هڪ ئي صدا هئي تہ ڪاش! ڪو ميڊيا جي ذريعي گناهن جي هن سيلاب ۾ وهي وڃڻ وارن مسلمان مَردن، عورتن، ٻارن ۽ پوڙهن کي بچائي ۽ هڪ خالص اسلامي چينل شُروع ڪري. تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ وڏي شدّت سان محسوس ڪيو تہ ميڊيا جي هن جنگ ۾ جديد آلات ۽ ذريعن جو استعمال ڪرڻ کان بنا طاغُوتي طاقتن جو مقابلو ڪرڻ نهايت مشڪل آهي، اڄ شايد ئي ڪو گهر هجي جيڪا T.V کان خالي هجي، غالب گمان اهو ئي آهي تہ مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪيرائڻ نهايت مشڪل آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي تہ جهڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آهي تہ ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آهي تہ جيئن فصل بہ سيراب ٿين ۽ آبادين کي بہ تباهي کان بچائي سگهجي بلڪل انهيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿجي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، جڏهن هن شعبي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وئي تہ خبر پئي تہ پنهنجو T.V چينل کولي، فلمن ڊرامن، ڳائڻ وڄائڻ، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ڪافي اخراجات جي ڪري مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ناهي تہ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي **مرڪزي مجلسِ شُوريٰ** خوب جدوجهد ڪري رمضانُ المبارڪ 1429ھ سيپٽمبر (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا سامهون اچڻ لڳا. دعوتِ اسلامي بدعقيدگي ۽ بدعملي جي هن عِفرِيت (يعني بَلا) جو مُقابلو ڪرڻ جي لاءِ مُثبت انداز ۾ ميڊيا جو



www.dawateislami.net

سهارو وٺندي دِينِ اِسلام جي تبليغ ۽ دُرُست عقيدن جي تَرويج جي لاءِ مدني چينل جو آغاز ڪري جيڪو عَظِيمُ الشّان ڪم ڪيو، هن جي جيتري تعريف ڪئي وڃي گهٽ آهي، ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان سڀ هن عظيم مدني ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيون ۽ مدني چينل ڏسڻ جي دعوت کي عام ڪرڻ جو سلسلو جاري رکون.اللهعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سمورين مجلسن ۽ گڏوگڏ مدني چينل کي خوب ترقي عطا فرماءِ.

مدنی چینل کی مُہم ہے نَفس وشیطاں کے خِلاف
جو بھی دیکھے گا کرے گا اِنْشَآءَالله اِعتراف

نَفسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زوردار
کہ نَدامَت کے سبب ہو گا گُنہگار اشکبار

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم
## ”علاقائي دَؤرو براءِ نيڪيءَ جي دعوت“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سخاوت جي علمبردار حضرت سَيدُنا طلحہ بن عُبَيدُالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي فيض مان فيضياب ٿيڻ ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سيرت تي عمل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هفتي وار هڪ مدني ڪم ”علاقائي دَورو براءِ نيڪي جي دعوت“بہ آهي. نيڪي جي دعوت ڏيڻ تہ اهڙو اهم فريضو آهي جو سڀني نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بلڪ خُود سيدُالْانبياء، محبوب خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بہ هن مَقصَد جي لاءِ دُنيا ۾ موڪليو ويو، انهن مُقدَّس هستين ڪوڙ مشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ باوجود بہ نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽



www.dawateislami.net

برائي کان منع ڪرڻ جي هن عظيم فريضي کي نہ ڇڏيو .علّامہ زُرقاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه شرح مواهب ۾ فرمائن ٿا تہ خاص ڪري حج جي زماني ۾ حضور نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ عادت هئي تہ اهلِ عرب جا پري پري کان آيل قبيلا جيڪي مڪي ۾ گڏ ٿيندا هئا، تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني قبيلن ۾ دورو فرمائي ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏيندا هئا، اهڙي طرح عرب ۾ وقت بوقت گهڻا ئي ميلا لڳندا هئا جنهن ۾ پري پري کان قبيلا گڏ ٿيندا هئا، انهن ميلن ۾ بہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغِ اسلام جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. (شرح المواهب، ذكر عرض المصطفٰى...الخ،٧٣/٢ ملخصاً )

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي بہ اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سَيدُالانبيا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پياري پياري سُنّت تي عمل ڪرڻ جي لاءِ هر هفتي ’’علاقائي دَورو براءِ نيڪي جي دعوت‘‘ ۾ شرڪت ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ٿو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علاقائي دَوره براءِ نيڪي جي دعوت جي برڪت سان مسجد ۾ نمازين جو تعداد وڌي ويندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيو تہ علاقائي دَورو براءِ نيڪي جي دعوت جي ذريعي مُعاشري جا بگڙيل ماڻهو دعوت ِاسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي صلوٰة و سُنَّت تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي ويا، تنهن ڪري اسان کي بہ وقت ڪڍي هن عظيم مدني ڪم ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺڻ گهرجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.



www.dawateislami.net

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں　　نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عِمامي شريف جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي163 مدني گل مان عمامو ٻڌڻ جون چند سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

پهريان ﮬ فرمان مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ جماعت ۾ عمامي سان ڳڌ نماز ڏھ هزار (10،000) نيڪين جي برابر آهي.[15] ۞ عمامي سان ڳڌ هڪ جمعو بغير عمامي جي ستر عمامن جي برابر آهي.[16] ۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو.[17] ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي.[18] ۞ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروه آهي.[19] ۞ عمامي ڪي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌيل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو.[20] ۞ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ متايو ويندو.[21] عمامي جو طبي فائدو هڪ هي بہ آهي تہ : مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس

---

[15] ...فردوس الاخبار،باب الصاد،ذكر الفصول ...الخ،٣١/٢،حديث:٣٦٢١

[16] ...ابن عساكِر،ذكر من اسمه عبدان،عبدان بن زرّين ...الخ،٣٥٥/٣٧

[17] ...كَشْفُ الاِلْتِباس فِي اسْتِحْبابِ اللِّباس ص٣٨

[18] ...فتاویٰ رضویہ،١٨٦/٢٢

[19] ...فتاویٰ رضویہ، ٧/ ٢٩٩

[20] ...فتاوىٰ ہندية،٣٣٠/٥

[21] ...فتاویٰ رضویہ،٢١٤/٦ملخصاً



www.dawateislami.net

ملاحظ فرمايو: متي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِ شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤگے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لئے ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.



www.dawateislami.net

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

## (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[22]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانى، ص277، )

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیہِ رَحمَۃُ اللّٰہِ الھَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانيۃ والخمسون، ص149 )

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

[22]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[23]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[24]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ

---

[23]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[24]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[25]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[25]… مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net